# ٻارن لاء بائبل

## تحفو



# هڪ ڏنار شهزادو بڻجي ٿو


لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: M. Maillot; Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: E. Frischbutter; Sarah S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan



ڇاهيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org



©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توهان ان کي وڪرو نٿا ڪريو.






هڪ ڏينهن موسيٰ ڏٺو ته
هڪ مصري هڪ عبراني
غلام کي ماري رهيو آهي.
جيتوڻيڪ موسيٰ تعليم يافته ۽
فرعون جي محلات ۾ پرورش
ڪئي هئي، پر هو
اڃا تائين هڪ
عبراني هو ۽
ڪيس غلام
جي مدد ڪرڻي هئي.

موسيٰ، چوڌاري نظر ڦيرائي ڏٺو ته ڪو به ڪيس نه ٿو ڏسي، غلامن جي ظالم سردار تي حملو ڪيو. وڙهندي ڪندي، موسيٰ مصري کي قتل ڪيو. ۽ موسىٰ جلدي ڪيس دفن ڪري ڇڏيو.



3

ٻئي ڏينهن موسيٰ ڏٺو ته ٻه عبراني هڪ ٻئي سان وڙهندا هئا. هن ڪين روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن مان هڪ چيو، "ڇا تون مون سان اهڙو سلوڪ ڪنديءَ جهڙو مصري جنهن کي تو ماري ڇڏيو؟" موسيٰ ڊڄي ويو. سڀني کي خبر هئي ته هن ڪالهه ڇا ڪيو هو. فرعون کي به خبر هئي. ۽ موسيٰ کي ڀڄڻو هو.

هو مديان جي ملڪ ڏانهن هليو ويو.



4

جڏهن موسيٰ هڪ کوهه وٽ آرام تي ڪيو، مديان جي ڪاهنء جيون ست ڌيئرون پنهنجي پيءِ جي رڍن کي پاڻي پيارڻ لاء کوهه تي حوض تي پريو.



5

ٻين ڌنارن ڪين هڪ طرف ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي. پرموسيٰ عورتن جي حفاظت ۽ مدد ڪئي.



6



"اوهين ايترو جلدي گهر ڪيئن آيون آهيو!" رعوايل، ڇوڪريءَ جو پيءُ رڙ ڪري چيو. ڇوڪرينءَ جڏهن ان جو سبب ٻڌايو، تڏهن هن چيو ته، "مڙس کي هتي آڻيو." موسيٰ رعوايل سان گڏ رهندو هو، جنهن کي

يترو به سڏيو ويندو هو. بعد ۾، موسىٰ رعوايل جي وڏي ڌيء سان شادي ڪئي.

7



پوهيان مصر ۾، فرعون مري ويو. خُدا جا ماڻهو، عبراني، اڃا تائين غلام هئا. اُهي ڪيئن پنهنجي ڏکن ۾ رڙيون ڪري رهيا هئا!

انهن ڪيئن خُدا جي مدد لاء دعا ڪئي! خُدا سندن دعا ٻڌي.

8


موسٰی کي خبر نه هئي، پر خُدا
هن کي استعمال ڪرڻ جو
ارادو ڪيو ته غلام عبرانين
جي مدد ڪري. حضرت موسيٰ
کي مصر ڇڏي چاليهه سال
گذري ويا هئا. هو رعوايل جي
رڍن جو ڌنار هو.
پر هن مصر ۾ پنهنجن ماڻهن
کي ضرور ياد ڪيو هوندو.
9
هڪ ڏينهن موسيٰ ڏٺو ته پرسان
هڪ ٻوڙي کي باهه لڳل هئي. پر
باهه ٻوڙي کي نه ساڙيو. موسٰي
سبب ڄاڻن جو فيصلو ڪيو.
10
جيئن موسيٰ ويجهو آيو، خُدا ڪيس ٻڙيءَ مان سڏيو. "موسٰي!"
"مان هتي آهيان،" موسيٰ چيو. "ڏاڍو ويجهو نه وڃ،" خُدا چيو.
"پنهنجا جُوتا لاهي ڇڏ، ڇو ته جتي تون بيٺو آهين اها پاڪ
زمين آهي."
11
"آءٌ توکي فرعون ڏانهن موڪليندس ته تون
منهنجي قوم کي مصر مان ڪڍين،" خُدا فرمايو.
پر موسيٰ وڃڻ کان ڊڄي ويو.
12
پوءِ خُدا موسيٰ کي پنهنجي عظيم طاقت ڏيکاري.
هن موسٰي جي لٺ کي نانگ
۾ تبديل ڪيو.
13
جڏهن موسيٰ نانگ کي پُڇ کان ڪنيو ته اهو هڪ ڀيرو ٻيهر
لٺ ٻڻجي ويو. خُدا هڪ ٻي نشاني ڏني.
14


"پنهنجو هٿ پنهنجي ڇاتيءَ تي رک،" هن حڪم ڏنو.
موسىٰ ائين ڪيو. هن جو هٿ ڪوڙهه جي
مرض سان اڇو ٿي ويو.
15


جڏهن هن وري ائين ڪيو ته هن جو هٿ ٺيڪ ٿي ويو.
16


موسىٰ اڃا به اعتراض ڪيو. "مان چڱيءَ طرح نٿو ڳالهائي
سگهان،" هن خُدا کي چيو. خُدا ناراض ٿي ويو. "مان توهنجي
ڀاءُ هارون کي استعمال ڪندس، اهي لفظ جيڪي توکي ڳالهائڻا
هوندا توهان هن کي ٻڌايو،" هن چيو.
17


موسيٰ يترو ڏانهن موٽيو، پنهنجو سامان
ٻڌو ۽ مصر ڏانهن روانو ٿيو.
18


خُدا موسيٰ جي ڀاءُ هارون کي جبلن ۾ موسيٰ سان ملڻ جي
هدايت ڪئي. موسيٰ هارون کي خُدا جي
منصوبي بابت سڀ ڪجهه ٻڌايو ته
عبراني ماڻهن کي مصرين کان آزاد
ڪيو وڃي. گڏو گڏ، اهي خبرون
عبراني اڳواڻن تائين پهچايو.
جڏهن موسىٰ عبراني
بزرگن کي نشانيون
ڏيکاريون، اهي ڇاڻي
ويا ته خُدا انهن جي
مدد ڪندو. گڏجي،
اهي سجدو ڪن ٿا.
19


موسيٰ ۽ هارون بهادريءَ سان فرعون وٽ
ويا. "خُدا چوي ٿو، 'منهنجي قوم کي وڃڻ
ڏيو'،" انهن کيس ٻڌايو.
20

"مان بني اسرائيل کي وڃڻ نه ڏيندس،" فرعون
جواب ڏنو. هو خُدا جي فرمانبرداري نه ڪندو.
خُدا کي پنهنجي عظيم طاقت کي فرعون جي
ذهن کي تبديل
ڪرڻ لاء
استعمال
ڪرڻو
پوندو.



21

هڪ ڏنار شهزادو بڻجي ٿو

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

خروج 2-5

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

22




10

60

23

هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيو۽ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويوۓ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.

24